
# لال ڪرشن آڏواڻي

## سنڌين جو قداور نيتا



L. K. Advani
Former President, Bhartiya Janta Party
Former Deputy Prime Minister of India

شخصيتون تاريخ جا پير آهن، جن کان سواءِ تاريخ جڙي ھوندي آهي. تاريخ جي بي پناه صفحات ۾ اُهي تمام ٿورا شخص هوندا آهن، جي ڏاها ٿي جنم وٺندا آهن ۽ پنهنجي سوارٿ جي گهيري کان ٻاهر نڪري سموري انسان ذات جي بهبوديءَ لاءِ جدوجهد ڪندي پيڙا به سهندا آهن ته آئينده جي اونَ ۽ فڪر به رکندا آهن.

ڪنهن به اِنسان کي اِنهيءَ ڳاله جو علم نه ٿو رهي ته ڪهڙي پل ۽ ڪهڙي گهڙيءَ وارو ڪيل ڪاريه اتهاس ۾ شامل ٿيندو! شايد خود ايل. ڪي. آڏواڻيءَ کي به ان ڳالهه جو احساس نه هوندو ته پنهنجي دوست مرلي مُکيءَ جي چوڻ تي سنگهه ۾ شرڪت ڪرڻ وارو سندس فيصلو ڀارت جي تاريخ جو حصو بڻجندو! يقينا اُنهيءَ وقت ڪنهن به نه ٿئي ڄاتو ته چوڏهن سالن جو اُهو نينگر آر. ايس. ايس . جي ويچار ڌارا ۽ اصولن جي پيش قدمي ڪندي سيني کان اڳرو نڪري هڪ نئون اِتهاس جوڙيندو!

ايڪويهين صديءَ سنڌي سماج، سنڌي قوم ۽ سنڌي جاتيءَ لاءِ اَڻ ميون خوشيون آنديون، جڏهن جاتيءَ جي هڪ محبوب اڳوان،

شري ايل.ڪي. آڏواڻيءَ کي وشوَ جي وڏي ۾ وڏي لوڪشاهي ملڪ ڀارت جو نائب پرڌان منتري مقرر ڪيو ويو. **ايل.ڪي. آڏواڻيءَ** اها جوابداري سنڀاليندي نه صرف پنهنجون اِتهاسڪ شيوائون ڏنيون، پر نائب پرڌان منتري پد جو مان، مرتبو ۽ شان پڻ وڌايو! آڏواڻي صاحب لوڪ پريتا جون گهڻيئي منزلون طئه ڪيون ۽ قوم جي دلين ۾ هڪ اوچو مقام ماڻيو!

**جوَهراڻي:** **سائين! پهرين پهرين تہ مان توهان جي وڏڙن جي باري ۾ ڄاڻڻ چاهيندس. توهان جا وڏا سنڌ جي ڪهڙي حصي سان وابستہ هئا؟**

**ايل. ڪي.:** اَسين حيدرآباد، سنڌ ۾ رهندا هئاسون. توهان کي ڄاڻ هوندي تہ ’عامل‘ گهڻو ڪري حيدرآباد، سنڌ ۾ رهندا هئا.

**جوَهراڻي:** **حيدرآباد ۾ اوهان جو ڪاروبار ڪهڙو هئو؟**

**ايل.ڪي.:** منهنجو ڏاڏو صاحب ڏرمداس اُتي اِسڪول ۾ هيڊ ماستر هو ۽ سنسڪرت جو بہ ماهر هئو. منهنجو پتا ڪشنچند صاحب ۽ هڪ چاچو، ٻيئي ڪراچي ۽ حيدرآباد ۾ بزنس ڪندا هئا.منهنجو وڏو چاچو گوبندرام سرڪاري نوڪريءَ ۾ هو ۽ حيدرآباد ۾ ڊپٽي ڪليڪٽر هو. منهنجو ٻيون نمبر چاچو پرسرام، وڪيل هئو ۽ ٽيون نمبر چاچو گوپالداس، سائنس جو پروفيسر هئو. اُهي پاڻ ۾ ڪل پنج ڀائر هئا.

**جوَهراڻي:** **آڏواڻي صاحب! توهان تعليم ڪٿي پرائي؟**

**ايل.ڪي.:** مان ڪراچيءَ جي سينٽ پيٽرڪ هاءِ اِسڪول ۾ پڙهيو هوس. مون پنهنجي اِنٽر سائنس ڊِي.جي. نيشنل ڪاليج حيدرآباد ۾ پوري ڪئي؛ جتان پوءِ مان بمبئي يونيورسٽيءَ ۾ آيس؛ جيئن وڪالت جي ڊگري حاصل ڪري سگهان.

**جوَهراڻي:** **توهان کي پنهنجي اِسڪول ۽ ڪاليج جي ڏينهن جون ڪي مٺڙيون مٺڙ يادگيريون آهن؟**

**ايل.ڪي.:** منهنجو اِسڪول سان بيحد لڳاءُ هو؛ جنهن منهنجي آئنده لاءِ جڙون مضبوط ڪري ڇڏيون. ورهاڱي کانپوءِ مان بہ دفعا پاڪستان ويو آهيان. هڪ ١٩٧٨ع ۾ ۽ ٻيون دفعو ٢٠٠٥ع! پاڪستان جي هاءِ ڪمشنر جڏهن مون کان پڇيو تہ ڪهڙيون ڪهڙيون جڳهيون مان اُتي ڏسڻ چاهيندس، تہ لاشڪ منهنجي من ۾ ٻين جڳهين سان گڏ، ڪراچيءَ جو سينٽ پيٽرڪ هاءِ اِسڪول پهرين اُڀري آيو!

منهنجا هم ڪلاسي وديارٿِي گهڻو ڪري عيسائِي هئا ۽ ڪي يهودي بہ هئا. ڪيترن سالن کان پوءِ جڏهن مان پهريون دفعو

اِسرائيل ويو هوس، تڏهن پنهنجي ڪلاس جي ساٿين لاءِ پڇيا ڪيم ۽ قسمت سان هڪڙو مليو ويو؛ جنهن سان فون تي ڳالهائيندي اِسڪول جون پياريون يادگيريون تازيون ٿي ويون! لڳ ڀڳ اَڌ صديءَ کان پوءِ پنهنجي ننڍپڻ جي ساٿيءَ سان ڳالهائڻ ۾ پنهنجو ئي لطف آهي!

ٻيو موقعو مونکي ياد پوي ٿو؛ جڏهن مان ١٩٧٨ع ۾ پاڪستان ويو هوس. اُتي پاڪستان سرڪار ڪوشش ڪئي، جيئن منهنجي پرنسپال ۽ جن مونکي پاڙهيو هو اُهي ماستر ڳولهي سگهن. اُهو ڏينهن منهنجي لاءِ اَڻ وسرندڙ ٿي پيو، جڏهن اُهو پرنسپال ۽ منهنجا ڇهه ماستر مون سان ملڻ آيا. حقيقت ۾ اُن ڏينهن مون سان ملڻ لاءِ هڪ شاندار جلسي جو بندوبست ڪيو ويو هو؛ پر جڏهن مان وري ٢٠٠٥ع ۾ پاڪستان ويس، ته ڪم-نصيبان اُنهن مان ڪوبه زنده ڪونه هئو. اُنهيءَ سفر وقت مونکي پنهنجو اَباڻو گهر به ڏسڻ جو موقعو مليو، جيڪو هاڻوڪن رهواسين جي هٿ ۾ هئو!

مونکي ان ڳالهه جي بيحد خوشي ٿي ته جيڪو پلنگ اَسين ڪم آڻيندا هئاسين، سو بلڪل صحيح سلامت رکيو ويو هو. جڏهن جنرل مشرف ٢٠٠٥ ۾ دهليءَ آيو ته هن مون لاءِ اِسڪول رجسٽر جي فوٽو ڪاپي ۽ اِسڪول جو فوٽو به آندو. هن مونکي هڪڙو آلبم سوکڙيءَ طور ڏنو، جنهن ۾ منهنجي اِسڪول جي رجسٽر جا نقل هئا ۽ منهنجي نالي جي سامهون لکيل هو '١٩٣٦ع ۾ داخل'.

**جوَهراڻي:** **هيترن سالن کانپوءِ سنڌ وڃڻ تي توهان کي ڪيئن محسوس ٿيو؟**

**ايل.ڪي.:** لاشڪ ڏاڍي خوشي ٿي! اِهو سياويڪ آهي ته ورهين کانپوءِ وري پنهنجو اَباڻو گهر؛ جتي ماڻهو پليو نپنيو هجي، ڏسڻ سان من خوشيءَ کان اُڇلون کائيندو آهي!

**جوَهراڻي:** **توهان جو سنگهه پريوار سان رشتو ڪڏهن ۽ ڪيئن قائم ٿيو! اُن وقت توهان جا ٻيا ڪهڙا ساٿي هئا؟**

**ايل.ڪي.:** اهو ١٩٤٢ع جو قصو آهي؛ جڏهن مان چوڏهن سالن جو هوس. مون مئٽرڪ پاس ڪئي ۽ ڪاليج ۾ مس داخلا ورتي هئي. ڪاليج جا ڪلاس اَڃا شروع ڪونہ ٿيا هئا، پر اَسين ڪاليج جي ٽينس ڪورٽ ۾ رانديون ڪندا هئاسين. اَسان سان رانديون ڪندڙن ۾ هڪڙو جوان هو مرلي مکي! هڪ ڏينهن هن اوچتو ئي وچ ۾ راند بند ڪندي وڃڻ چاهيو. مون ڪانئس پڇيو، تہ هوُ اوچتو ئي اوچتو تڪڙ ۾ ڪيڏانهن وڃي رهيو آهي. جواب ڏنائين تہ هو شاخا ۾ داخل ٿيو آهي ۽ اُتي سندس پوري وقت تي پهچڻ لازمي آهي. هن مون کي بہ ساڻ هلڻ جي آڇ ڪئي، پر مون ناڪار ڪئي ۽ کيس چيم تہ راند پوري ٿيڻ تائين تہ گهٽ ۾ گهٽ ترس. پر هو ڪونہ مڙيو ۽ جلدي جلدي ٽينس ڪورٽ ڇڏي هليو ويو. هو مونکي لڳاتار ٽن ڏينهن تائين پاڻ سان هلڻ لاءِ مڃائيندو رهيو ۽ نيٺ مان بہ تيار ٿي ويس. اهو منهنجو سنگهہ سان پهريون لاڳاپو هئو!

**جوَهراڻي: آر. ايس. ايس. (R.S.S.) ۾ اُها ڪهڙي ڪشش هئي، جنهن توهان کي اُن ڏانهن مائل ڪيو؟**

**ايل.ڪي.:** سنڌ ۾ ٻُڌ مَت جي شروعاتي دور ۾ اِهو چيو ويندو هو تہ اهو اَسان جو فرض ٿو بڻجي تہ اَسين پنهنجي سماج لاءِ ڪجهہ ڪريون، جو ان سماج ئي اَسان کي گهڻو ڪجهہ ڏنو آهي! ملڪ غلام هو ۽ اُن کي آزاد ڪرائڻ لاءِ قربانين جي سخت ضرورت هئي. ماڻهن ۾ اِهو وشواس هئو تہ صرف نعراءَ بحال ڪرڻ ڪافي ڪونہ آهن. ان لاءِ نوجوانن جي ڪا سنسٿا ناهڻ ضروري آهي، جيڪا قربانيون ڪري سگهي ۽ ان طرح سنگهہ برپا ٿيو هو!

اها سنسٿا اُنهن ديش ڀڳتن جي هئي،جيڪي پوري طرح قاعدي سان اِنتظام ۾ هلن ۽ اِخلاقي چال چلت تمام سني هجي. انهن حالتن جو منهنجي من تي گَهرو اَثر ٿيو ۽ مان R.S.S. ڏانهن ڇڪجي آيس، جو سندن ديش ڀڳتيءَ جو جذبو مون ۾ اُتساهہ ڦوڪي رهيو هو!

**جوَهراڻي: اُنهن ڏينهن ۾ سنگهہ جي شاخائن جي ميڙن تي ڪي ٻنڌن هئا ڇا؟**

**ايل.ڪي.:** ها! اُنهن ڏينهن ۾ کليل ميدانن تي ميڙ ڪرڻ جي بندش هئي؛ جو سنڌ سان مارشل لا به لاڳو ڪيو ويو هو. هڪڙي شخص، رام ڪرپالاڻيءَ جي گهر مٿان ڪافي وڏو ڪُڏ هو، جتي اَسين وچي شاخا جي سرگرمين ۾ بهرو وٺندا هئاسين.

**جوَهراڻي: R.S.S. ۽ ڪانگريس جي ويچارڌارائن ۾ ڪو فرق هئو يا ٻنهي جا ساڳيا آدرش هئا؟**

**ايل.ڪي.:** تن ڏينهن ۾ مهاتما گانڌي اُتي سنڌ ۾ آيو هو ۽ سنڌ جي ڪانگريسي نيتائن جي بيحد ساراهه ڪئي هئائين؛ جن ۾ جيرامداس دولترام، پروفيسر اين.آر. ملڪاڻي ۽ پروفيسر گهنشيام شوداساڻي ڪانگريس جا خاص سرگرم ڪم ڪندڙ هئا. هينئر اها ڏک جي ڳالهه تي لڳي ته اُن وقت، ڪانگريس نيتائن آزاديءَ کان اَڳ واري دور ۾ R.S.S. کي ڇو نظرانداز ڪري ڇڏيو. هرڪا ننڍي وڏي پارٽي يا هر هڪ گروهه پنهنجي وت آهر ديش جي آزاديءَ لاءِ پنهنجو سهيوگ ڏيندو پئي رهيو!

**جوَهراڻي: ڇا اهو ان ڪري هئو ته ڪانگريس ۽ R.S.S. جي ويچار ڌارا هڪ جهڙي ڪانه هئي؟**

**ايل.ڪي.:** برابر! ويچار ڌارا ساڳي ڪانه هئي! جيتوڻيڪ ٻنهي سنستائن چاهيو پئي ته ديش اَنگريزن کان آزاد ٿئي. پر R.S.S. محسوس ڪيو ته ڪانگريس جيڪا ويچار ڌارا اَپنائي آهي، سا ديش کي آزادي نه ڏياري سگهندي! ساڳئي وقت R.S.S. اِهو به محسوس ڪيو ته گرم ڌر وارا ڀڳت سنگهه جهڙا ديش ڀڳت، جن هنسا وارو رستو اَختيار ڪيو هو، اُهي به آزادي وٺڻ ۾ ڪامياب ڪونه ويندا!

مونکي اَڄ به ١٩٤٢ع واري 'ڀارت ڇوڙو' هلچل ياد آهي؛ جڏهن گانڌي جيءَ کي گرفتار ڪيو ويو هو. تڏهن ڪيترن سويم سيوڪن پڻ روزانه هلچل ۾ سرگرم بهرو ورتو ۽ ڪيترا ته گرفتار به ڪيا ويا. بدنصيبان اَڄ ڪانگريس، بي.جي.پي. ۽ R.S.S. جي وچ ۾، آزاديءَ کان اَڳ جي ماحول کان گهڻو وڌيڪ ويڇو اَچي ويو آهي.

اِتي اَچو ته هڪڙي مزيدار ڳالهه ٻڌايانوَ. سنڌ جي مشهور ۽

ناميارې ڪانگريس نيتا ۽ سنڌ اَسيمبليءَ جيڪانگريس اَڳوان، پروفيسر اين. آر. ملڪاڻيءَ پنهنجي ڀاءُ ڪيول ملڪاڻيءَ کي چيو ته R.S.S. هڪ ڏاڍي سٺي سنسٿا آهي ۽ ڪاش هو اُن ۾ داخل ٿي سگهي. ڪيول ملڪاڻيءَ نه صرف R.S.S. کي اَپنايو، پر سنسٿا جي خاص رسالي ’آرگنائيزر‘ جو سمپادڪ به ٿي رهيو ۽ بي. جي. پي. جو هڪ اهم نيتا پڻ ٿي ويو. هو راجيه سڀا جو ميمبر هو ۽ پوءِ پانديچريءَ جو گورنر به ٿي رهيو.

**جوَهراڻي:** **ان طرح اَسين فخر سان چئي سگهون ٿا ته سنڌين آر.ايس.ايس. (R.S.S.) ۽ ڪانگريس معرفت ديش جي آزاديءَ واري هلچل ۾ سرگرم ڀرو ورتو!**

**ايل.ڪي.:** لاشڪ! ان ۾ به رايا ٿي نٿا سگهن!

**جوَهراڻي:** **مهاتما گانڌي ۽ سڀاش چندر بوس، ٻنهي ديش جي آزاديءَ جي هلچل ۾ ڀرو ورتو؛ پر اَلڳ اَلڳ رستا اَختيار ڪيائون! توهان جي ويچار موجب ٻنهي مان ڪهڙو رستو وڌيڪ ڪارگر هو؟**

**ايل.ڪي.:** انهن ٻنهي نيتائن ۽ اُنهن سان گڏ هزارين ٻين ڪاريه ڪرتائن جيڪي ڪجهه قربانيون ڪيون؛ سي هاڻي تاريخ جو حصو آهن. ماڻهو ڀيٽ ڪن ٿا ۽ پنهنجا رايا ناهين ٿا. نيڪ آهي؛ پر درحقيقت اُهي سڀيئي نيتائون بيحد عزت جا حقدار آهن!

**جوَهراڻي:** **آزاديءَ جي هلچل دوران سنڌ ۾ توهان کي ڪڏهن جيل جي سزا به ڀوڳڻي پيئي؟**

**ايل.ڪي.:** نه! سنڌ ۾ نه! مان چوڏهن سالن جو هوس؛ جو مون R.S.S. ۾ داخلا ورتي ۽ اُن ڪانپوءِ لڳاتار ڇهه سال R.S.S. سان دل و جان سان جڙيل رهيس. آزاديءَ ڪان جلد ئي پوءِ R.S.S. تي بندش وڌي ويئي ۽ اُهو پهريون دفعو هو، جو مونکي گرفتار ڪري جيل موڪليو ويو.

**جوَهراڻي:** **ديش جي ورهاڱي جو خيال آزاديءَ جي دوران آيو يا اُهو اَڳ ئي رٿيل هئو؟**

**ايل.ڪي.:** اُهو اَڳ ۾ ئي رٿيل هو! توهين چئي سگهو ٿا ته ورهاڱو ۽ ديش جي

آزادي، ٻيئي ساڳئي وقت وجود ۾ آيا!

**جوَهراڻي: توهان جي ويچار موجب ورهاڱي لاءِ سچ پچ ڪير جوابدار هئا؟**

ايل.ڪي.: اُن لاءِ مسلم ليگ ئي خاص جوابدار هئي، جنهن ورهاڱو چاهيو پئي.

**جوَهراڻي: اهو مڃيو وڃي ٿو ته سنڌ اَسيمبليءَ ۾ ورهاڱي جو ٺهراءُ پاس ڪونه ڪيو ويو هو. ڇا اِهو صحيح آهي؟**

ايل.ڪي.: اهو صرف سنڌ جو سوال ڪونه هو! ان تڪراري ڳالهه تي مسلم ليگ ۽ اَنگريز سرڪار ٻنهي اَڳ ۾ ئي فيصلو ڪري ڇڏيو هو. ائين ته ڪانگريس به ورهاڱي جي خلاف هئي ۽ جيڪي به هندو پاڪستان ۾ هئا، اُهي به ورهاڱي جي خلاف هئا. پر هنسا، ماراماري ۽ ٻين حالتن گڏجي پاڪستان جو وجود پيدا ڪري ڇڏيو!

**جوَهراڻي: ڇا خون خرابو هڪ مکيه اَنش يا سبب هو، جنهن ديش جو ورهاڱو ڪرائي ڇڏيو؟**

ايل.ڪي.: نه! ائين ناهي! ڇاڪاڻ ته هنسا ۽ ماراماري وڌِي ويئِي؛ ان ڪري ڪانگريس کي جهڪڻو پيو! پر اِهو پڪ سان چئي سگهجي ٿو ته اَنگريز سرڪار اَڳ ۾ ئي فيصلو ڪري چڪي هئي ته پارٽ مان نڪرڻ کان اَڳ ديش کي ٻه ٽڪر ڪري ڇڏيندا!

**جوَهراڻي: اَهڙي نازڪ دور ۾ .R.S.S ڇا ڪيو؟**

ايل.ڪي.: ڏک سان چوڻو ٿو پوي ته ١٩٤٧ع ۾ .R.S.S ايتري مضبوط ڪانه هئي، جو اُن ورهاڱي جي آپدا کي ٽاري سگهي.

**جوَهراڻي: تنهنجي معنيٰ ته ورهاڱو اَڻ ٽر هئو! پر ڪيترن سنڌين جو ويچار آهي ته جيڪڏهن اَسان جا نيتائون چاهين ها ته ورهاڱو ٽري سگهي ها!**

ايل.ڪي.: شايد نه! پر جيڪڏهن اُن وقت اَسان جا نيتائون ڌيان ڏين ها ته گهٽ ۾ گهٽ ٿرپارڪر ضلعو بچائي سگهجي ها! اُنهن ڏينهن ۾ ٿرپارڪر ضلعي ۾ هندن جي گهڻائي هئِي ۽ اُهو آسانيءَ سان

هندوستان سان ملائي سگهجي ها. پر اَهڙو ڪجهه بہ ڪونہ ٿيو!

**جوَهراڻي:** **توهان کي اِئين نٿو لڳي تہ سنڌي جاتيءَ سان بلڪل نااِنصافي ٿي آهي؟**

**ايل.ڪي.:** نہ! اِئين نٿو چئي سگهجي تہ سنڌي جاتيءَ سان نااِنصافي ٿي آهي!

**جوَهراڻي:** **ڇا سنڌي جاتيءَ سان اهي انجام اِقرار ڪونہ ڪيا ويا هئا تہ ڀارت ۾ کين ٻين جاتين جيان ساڳيا حق ۽ سهوليتون ملنديون؟**

**ايل.ڪي:** کنهن بہ سنڌي جاتيءَ سان اهي انجام اقرار ڪونہ ڪيا هئا تہ ڀارت ۾ کين ساڳيا حق ۽ سهوليتون ملنديون. پاڻ جيڪو سو گانڌي جيءَ سنڌين کي تاڪيد ڪئي هئي تہ سنڌ نہ ڇڏجو. پر اهو حالتن جي ڪري ناممڪن هو!

**جوَهراڻي:** **توهان ورهاڱي کانپوءِ هندوستان جي کهڙي حصي ۾ اَچي پناه ورتي؟**

**ايل.ڪي.:** مان ورهاڱي کان جلد ئِي پوءِ دهليءَ ۾ آيس ۽ اُن کان پوءِ مان ڏه سال راجستان ۾ رهيس.

**جوَهراڻي:** **راجستان ۾ بہ ڇا پناهگيرن لاءِ ڪيمپون کوليون ويون هيون؟**

**ايل.ڪي.:** مان اُنهن ڏينهن ۾ پناهگيرن جي ڪيمپ ۾ ڪونہ رهيو هوس. مان تہ پنهنجي ڪٽنب سان بہ گڏ ڪونہ هوس. مان ڪراچيءَ کان ئي R.S.S. جو پڪو سويم سيوڪ ۽ پرچارڪ ٿِي رهيو آهيان ۽ مان راجستان ۾ بہ R.S.S. جي سرگرمين سان جڙيل رهيس.

**جوَهراڻي:** **اِهو محسوس ٿيو آهي تہ لڏي آيل سنڌين کي ڪيمپن جي ذلت واري زندگيءَ ۾ ڪيترين ئي تڪليفون درپيش آيون. ڇا توهان جي ڪٽنب کي بہ اَهڙين ڪن مشڪلاتن کي منهن ڏيڻو پيو؟**

**ايل.ڪي.:** نہ! منهنجي گهر وارن کي پناهگيرن جي ڪيمپن جون تڪليفون درپيش ڪونہ آيون. منهنجي ڏاڏي، جيڪا ١٩٤٧ ۾ اَسي سالن جي هئي، تنهن منهنجي پتا اڳيان اِڇا ظاهر ڪئي هئي تہ

زندگيءَ جا آخرين سال هوءَ ڪاشي (بنارس) ۾ گذارڻ ٿي چاهي. ان ڪري اُن عرصي ۾ منهنجا گهر وارا ٿي چار سال ڪاشيءَ ۾ رهيا.

**جوَهراڻي: توهان سنڌ ڪڏهن ڇڏي؟**

**ايل.ڪي.:** مون سيپٽمبر ١٩٤٧ع ۾ سنڌ ڇڏي ۽ منهنجي گهر وارن بعد ۾ آڪٽوبر-نومبر ۾ سنڌ کي الوداع ڪيو.

**جوَهراڻي: توهين ڪهڙي وقت ۽ ڪهڙين حالتن هيٺ ڀارت جي سياست ۾ داخل ٿيا؟**

**ايل.ڪي.:** مون ١٩٥١ع ۾ سياست ۾ پير رکيو، جڏهن ڊاڪٽر شياما پرساد مکرجيءَ جن سنگهہ جي اِستاپنا ڪئي. مون سان گڏ ويهہ پنجويهہ سويم سيوڪن کي بہ سياست ۾ گهڙڻ لاءِ چيو ويو.

**جوَهراڻي: سياست ۾ توهان جو مکيہ رهبر يا گرو ڪير هئو؟**

**ايل.ڪي.:** شري دين ديال اُپاڌيايہ ۽ سنڌ ۾ جڏهن مان R.S.S. ۾ گهڙيس، تڏهن راجپال پُري! منهنجو لکيل ڪتاب 'منهنجو ملڪ منهنجي زندگيِ' انهن ٻنهي کي ئي سمرپت ڪيل آهي!

**جوَهراڻي: توهين ڪن تمام ٿورن شخصن مان آهيو، جن ١٩٥٢ع کان وٺي هر راڄنيتي چونڊ ۾ حصو ورتو آهي. ١٩٥٠ع ۽ ١٩٦٠ع وارين چونڊن ۽ هاڻوڪين چونڊن ۾ توهان کي ڪهڙو فرق ٿو نظر اَچي؟**

**ايل.ڪي.:** تمام اَٿاهه فرق پئجي ويو آهي! شروعات ۾ ڪانگريس کان سواءِ ڪنهن بہ سياسي پارٽيءَ کي خواب خيال بہ ڪونہ ايندو هو تہ هو ڪو ستا حاصل ڪري سگهندا. ڪانگريس جي اها هڪ هٽي ٽوڙڻ ۾ 'جن سنگهہ' ۽ B.J.P. تمام وڏو رول اَدا ڪيو آهي.

**جوَهراڻي: هينئر تہ ڪيترن ئي پرانتن ۾ مڪاني ۽ سياسي سنسٿائون پيدا ٿي ويون آهن؛ جيڪي مرڪزي سرڪار ٺاهڻ ۾ مکيہ رول اَدا ڪري رهيون آهن. ڇا اهو ديش لاءِ فائدي وارو آهي؟**

**ايل.ڪي.:** ها! اِهو بدلاءُ صحيح دشا ۾ آهي. پر ساڳئي وقت مان اِهو به محسوس ڪريان ٿو تہ اَڄ جي سياسي ڪم ڪندڙن ۾ دور درشٽيءَ جي ڪمِي آهي. اَندر سچو ڪاڏو پيو آهي. اَسين جڏهن اُن وقت سياست ۾ گهڙياسون، تڏهن شخصي فائدي ۽ سوارٿ وس ٿي پنهنجي لاءِ ڪجهہ حاصل ڪرڻ جو ويچار بہ ڪونہ هئو. جي ڪجهہ هئو تہ صرف جنتا جي شيوا ڪرڻ جو جذبو هئو!

اُن وقت ڪجهہ وٺڻ لاءِ نہ، پر پنهنجي طرفان ڪجهہ ڏيڻ جي اِڇا هئي! اُنهن ڏينهن ۾ سياست، جنتا جي شيوا جو ساڌن ليکي ويندي هئي. هڪ قسم جي ڪار خدمت. مان وشواس سان چئي سگهان ٿو تہ جڏهن ديش اَنگريز سرڪار جو غلام هو، تڏهن هرڪو دل سان چاهيندو هو تہ آزادي حاصل ٿئي. اهو اُن وقت جو پربل جذبو هو ، جنهن اَسان جي اَندر ۾ ڪار خدمت جو ٻج پيدا ڪيو. مان اِئين نٿو چوان تہ پهرين واري سياست هجي، جنتا جي شيوا! پر اهو هڪ عزت دار پيشو هئڻ گهرجي! ڪنهن بہ پيشي ۾ ايمانداري ۽ سچائي وڏو رول اَدا ٿي ڪري. اخلاق ۽ پيشي جي ايمانداريِ جڏهن ڌهي پٽ ٿيو پوي، تڏهن اَندر روئِي ٿو ڏئي!

**جوَهراڻي:** **توهين خود اَخبار-نويس ٿي رهيا آهيو. اَڄ عام جنتا سان سمپرڪ رکڻ جو مکيہ ساڌن آهي Media. پوءِ اَخبار هجي، .T.V هجي يا پيو ڪو ساڌن. اهي سڀ ڏاڍا مضبوط ۽ اَثردار وسيلا ٿي ويا آهن. ايتري قدر جو روزانہ زندگيءَ جي هر ڳالهہ ۾ بہ هو ٽپي ٿا پون، جنهن ۾ راڄنيتي بہ اَچي ٿي وڃي. توهان کي ان ماحول جي باري ۾ ڇا چوڻو آهي؟**

**ايل.ڪي.:** روزانہ زندگيءَ جي هر ڳالهہ ۾ ٽپي پوڻ ۽ اُن تي اَثر ڇڏڻ ڪا خراب ڳالهہ ڪونہ آهي، پر زندگيءَ جي قدرن کي وڏيڪ بگاڙڻ ۽ دک-درسي نظريو پيش ڪرڻ وڌيڪ ٿي پيو آهي. خاص ڪري ٽِي. وي.ءَ جي اَچڻ ڪانپوءِ! اهو من کي پيڙا ڏيندڙ ۽ پريشان ڪندڙ آهي!

**جوَهراڻي: واپس سنڌِي جاتيءَ تي ٿا اَچون! جاتيءَ جي اِها گهر تہ مرڪزي هٿ هيٺ (Union Territory) زمين ٽڪرو ڏنو وڃي يا بنا زمين جي پرانت کي تسليم ڪيو وڃي. اهو ڪيتري قدر واجب آهي؟**

**ايل.ڪي.:** مان انهن گُهرُن جي فائدي ۾ ڪونہ آهيان. جيڪڏهن سنڌي هڪ هنڌ نڪاٽو ڪري ويهن ها تہ بي ڳالهہ هئي. پر سنڌي ڇاڪاڻ تہ ڏنڌي-واپار واري جاتيِ آهي؛ ان ڪري چوطرف پکڙجي ويا آهن. حقيقت ۾ مان جتي بہ ويو آهيان اُتي اهو سوال اُٿاريو اَٿم. مثلا مان ڪوئمبٽور ويس ۽ اُتان جي سنڌين اَڳيان ساڳيو سوال رکيم، پر هنن بلڪل نابري واري ڇڏي. ان طرح جيڪي بہ سنڌي آسام يا ٻين هنڌ رهن ٿا، اُهي اُتي جا پنهنجا ڏنڌا ڌاڙيون، ۽ آجيوڪا کي ڇڏڻ لاءِ بلڪل تيار ڪونہ آهن. مان سمجهان ٿو تہ سنڌين جيڪو بہ ڪجهہ ڪيو آهي، سو صرف پنهنجي ئي همت ۽ محنت سان حاصل ڪيو آهي. اها ساڳي ڳالهہ پارسين سان بہ لڳي ٿي تہ هنن بہ پنهنجي ئي لائقيءَ سان سڀ ڪجهہ حاصل ڪيو آهي. مان اِن پڪي ويچار جو آهيان تہ اَسان کي جيڪي ڪجهہ گهرجي؛ اُهو پنهنجي ئي لائقيءَ سان پنهنجي قابليت سان حاصل ڪريون ۽ سرڪار ڏانهن مدد لاءِ نہ نهاريون!

**جوَهراڻي: ڪيترن سنڌين جو اِهو ويچار آهي تہ اَسان کي ’بنا زمين جي پرانت‘ ڏنو وڃي ۽ ڪيترين سنسٿائن جو بہ اِهو ويچار آهي تہ اَهڙي پرانت هئڻ سان اَسان کي ٻين پرانتن جيان سڀ حق ۽ مالي مدد ملندي؟**

**ايل.ڪي.:** مان اِن ويچار جي فائدي ۾ ڪونہ آهيان!

**جوَهراڻي: ورهاڱي ڪانپوءِ ڪڇ جي مهاراجا هڪ تمام وڏي زمين جي ايراضي سنڌين کي ڏني ۽ ڀائي پرتاپ جو اهو سپنو هو تہ اُن زمين تي ’نئين سنڌ‘ اَڏجي. ڇا اهو فيصلو صحيح هو؟ جڏهن تہ اُها سڄي زمين وارياسي هئي ۽ هر طرف وڇون ۽ نانگن جو آزار هئو!**

**ايل.ڪي.:** اهو ڪو بهانو ڪونهي! بنيادي طور ڏنڊو واپار ڪندڙ جاتيءَ کي جتي به زمين ملي ، اُها اُتي وڃي واپار ڪري سگهي ٿي!

**جوَهراڻي: پر گانڌيڌام ۾ ڏنڊي ڪرڻ لاءِ ضروري بندوبست ۽ پيون گهربل سهوليتون ميسر ڪونه هيون!**

**ايل.ڪي:** مان اِن ڳالهه سان سهمت ڪونه آهيان! اَچو ته اُنهن سنڌين جو مثال وٺون، جيڪي آسام ۾ ننهي نکي وينا آهن. توهين ڪين کهڙي به آچ ڪندءِ ته هو اُتي اَچي پنهنجو ڏنڊو ڪن ته هو بلڪل ڪونه مڃيندا!

**جوَهراڻي: توهان جي چوڻ جو مطلب اِهو آهي ڇا ته ياڻي پرتاپ جو اُن وقت ڪيل فيصلو صحيح هو؟**

**ايل.ڪي.:** ها! اُهو بلڪل صحيح هو! ان ۾ ڪوبه شڪ ڪونه آهي! پر حقيقت اِها ٿي پيئي آهي ته اُتي گهڻا سنڌي ڪونه بچيا آهن، جو سندن بار ولائت ۾ ٿانئيڪا ٿي ويا آهن. اهو اَسان صرف نالي ماتر چئي سگهون ٿا ته اُتي سنڌي رهن ٿا. اچو ته اِن طرح اُلهاس نگر جو مثال وٺون. شروعات ۾ اُتي سنڌين جو تعداد تمام گهڻائيءَ ۾ هو، پر هاڻي سٺ سيڪڙو ڪان به وڌيڪ غير سنڌين جي آبادي آهي. آهسته آهسته سيني هنڌ مليل جليل آدمشماري ٿيندي ويندي. بمبئيءَ جو ئي مثال وٺو، جتي غير مرهٽي ڳالهائيندڙن جو تعداد، مرهٽي ڳالهائيندڙن ڪان وڌيڪ ٿي ويو آهي. اَهڙي نموني وقت سارو دهليءَ جي به تصوير گهٽي بدلجي ويئي آهي.

**جوَهراڻي: جيئن ته توهان اَصل ۾ سنڌ ، پاڪستان مان آيل آهيو ته ان جو توهان جي سياسي ڪارگذارين تي ڪو اَثر پيو آهي؟**

**ايل.ڪي.:** نه! مان جڏهن پاڪستان ويو هوس؛ تڏهن ڪيترن عجب پئي ڪاڏو ته مان سنڌي هوندي به ڪيئن نائب پرڌان منتري جي عهدي تائين پهتو آهيان! اهو سوال مون ڪان هڪ ننڍڙي ميڙ ۾ پڇيو ويو، جتي سيني پارٽين جا عيوضي آيل هئا. هنن چيو:

”توهين سنڌي آهيو. چاوا، نپنا ڪراچيءَ ۾. ان حقيقت توهان جي سياسي زندگيءَ ۾ ڪائي رڪاوت ڪانه آندي؟“

مون کين ناڪاري جواب ڏيندي چيو تہ هاڻي اِهو توهان جو ڪم آهي ان ڳالهہ جو چيد ڪرڻ. مون کين چيو تہ سنڌي هجي يا پنجابي يا بنگالي؛ جيڪو بہ پارٽ ۾ آيو آهي سو اُتي جذب ٿي ويو آهي. ڊاڪٽر من موهن سنگهہ جيڪو هاڻي وزيرِاَعظم آهي، سو اولهہ پنجاب مان آيل آهي؛ جيڪو هاڻي پاڪستان جو حصو آهي! تنهنجي معنيٰ تہ هن جي اَصليت بہ پاڪستان مان آهي.

جيئن مان ديش جو نائب وزير اَعظم آهيان، تيئن جيوتي باسو بہ بنگال جي اُن حصي مان آيل آهي، جيڪو هاڻي بنگلا ديش آهي ۽ هن بہ سياست ۾ ناماچار ڪمايو آهي. پارٽي سپيتا ۽ پارٽي خصوصيت ئي آهي، سڀني کي پاڻ ۾ جذب ڪرڻ!

بئي پاسي پاڪستان جي سماج جو اَختيار ڪيل تنگدل رخ آهي. ايتري قدر جو جيڪي مسلمان ورهاڱي ڪانپوءِ اُتر پرديش، بهار، گجرات، مهاراشٽرا مان اُتي ويا، سي سٺ سالن ڪانپوءِ بہ اَڃا تائين پنهنجن پيرن هيٺان گرمي محسوس ڪري رهيا آهن. پاڪستان تي پنجابي حاوي آهن. سنڌي پاڻ کي پنتي چڏيل ٿا محسوس ڪن. حقيقت ۾ مون کين ان معاملي تي غور سان ويچار ڪرڻ لاءِ چيو آهي!

**جوَهراڻي:** **سنڌي ٻوليءَ جي لپيءَ جي واد وواد جي باري ۾ توهان جا ڪهڙا ويچار آهن؟**

**ايل.ڪي.:** هڪ دفعي مون هڪڙو ڪتاب ڏٺو. پوش تي لکيل هو، ‘English to Sindhi Dictionary’. مون ڪتاب هٿ ۾ کنيو ۽ نظر ڦيرائي پنهنجي پتا صاحب کان پڇيم، ”هي ڇا آهي؟ ٻاهران تہ لکيل آهي ‘‘English to Sindhi Dictionary’’ پر اَندر تہ هنديءَ ۾ سڀ ڪجهہ لکيل آهي. سنڌيءَ جو هڪ لفظ بہ ان ۾ ڪونہ آهي. جواب ڏنائين ”اَڳ ۾ سنڌيءَ جي لپي اِئين ئي هوندي هئي.“

**جوَهراڻي:** **اَڳ ۾ معني سؤ-ڏيڍ سؤ سال اَڳ؟**

**ايل.ڪي.:** ها! لڳ ڀڳ بہ سؤ سال اَڳ!

**جوَهراڻي:** **اَسان جي ايندڙ پيڙهين کي سنڌيءَ جي اَصلي لپيءَ جي خبر ڪونہ پوندي. اُهي گهڻو ڪري هندي ۽ رومن لپي ئي پڙهي سگهندا. جيئن مان سمجهان ٿو تہ سنڌيءَ جو عربي لپيءَ ۾ لکيل هيترو سارو اَٿاهہ ساهتيہ شايد بيڪار ٿي ويندو. ڇو جو ڪو بہ اُها لپي پڙهي ڪونہ سگهندو. توهان کي ان جي باري ۾ ڇا چوڻو آهي؟**

**ايل.ڪي.:** مان نٿو سمجهان تہ اُهو سڀ بيڪار ويندو! ڇو جو پاڪستان ۾ تہ اُها لپي ڪم آندي ٿي وڃي!

**جوَهراڻي:** **مان اَڃا تائين پڪ سان چئي سگهان ٿو تہ گوبند مالهي، اي.جي.اُتم ۽ ڪيرت ٻاٻاڻي ديوناگري لپيءَ لاءِ سخت اَعتراض ظاهر ڪيا هئا ۽ چاهيائون پئي تہ عربي لپي ئي قائم رهي!**

**ايل.ڪي.:** ها! ڪيترن ساهتيڪارن ديوناگريءَ خلاف آواز اُٿاريا هئا؛ جن جي سبب جي پڻ ڪين ئي خبر هوندي!

**جوَهراڻي:** **ڪو وقت هو جو سنڌيءَ ۾ نڪرندڙ روزانہ اَخبار 'هندوستان' جي چوٿين ۽ پوئين اَڌ صفحي تي ديوناگريءَ ۾ خبرون ڏنيون وينديون هيون!**

**ايل.ڪي.:** اهو دادا جيرامداس جي ڪري ٿيو؛ جو هو ديوناگريءَ جو ئي پڪو حمايتي هئو. اَسين خود بہ ان جا حمايتي هئاسون. سنڌي ٻوليءَ کي هندوستان جي وڌان جي اَٺين شيڊول ۾ آڻڻ لاءِ اَسان جي پارٽيءَ ئي گهڻي ۾ گهڻيون ڪوششون ڪيون هيون.

**جوَهراڻي:** **پر دک اِن ڳالهہ جو آهي تہ اَٺين شيڊول ۾ ٻوليءَ کي درجو ڏيڻ کان پوءِ بہ اُن کي سرڪاري سطح تي ايترو مان ڪونہ ڏنو ويو آهي. مثال طور اَٺين شيڊول ۾ آيل سڀني ٻولين جي لکاوٽ هڪ سنڌيءَ کي ڇڏي؛ سرڪاري نوٽن تي آيل آهي، جيڪا ڳالهہ منهنجي ويچار موجب غير واجب آهي! تنهن کان سواءِ ٢٦ جنوري جي 'پرجاتنتر ڏينهن' تي ٿيندڙ پريڊ ۾ سنڌي جهانڪيءَ جي غير موجودگيِ! ان جي باري ۾ اوهان جو ڪهڙو رد عمل آهي؟**

**ايل.ڪي.:** آخرڪار سنڌين جي آدمشماري گهٽي آهي؟ تمام ٿوري! سا به سڄي ديش ۾ پکڙيل آهي. پر تنهن هوندي به جي اَسين پاڻ ۾ گڏ ٿي هڪ آواز سان واسطيدار اَختيارين جو ڌيان ڇڪائي گهُر ڪنداسون ته هو ضرور اُن تي سوچيندا ۽ ڪو قدم کڻندا!

**جوَهراڻي:** **توهان ڪي واپس ورهاڱي وارن ڏينهن ڏانهن وٺي ٿا وڃون. توهين ٻڌائي سگهندا ته فساد ڪنهن شروع ڪيا؟ رهندڙ مڪاني مسلمانن يا ٻاهران لڏي آيل مهاجرن؟**

**ايل.ڪي.:** تن ڏينهن ۾ سنڌ ۾ ايترا فساد ڪونه ٿيا؛ جيترا پنجاب، فرنٽيئر ۽ ٻين پرانتن ۾ ٿيا. سنڌ مان ڪن خونن جون برابر خبرون آيون پئي. لڏ پلاڻ ڪانپوءِ برابر سنڌ ۾ فساد ٿيا، پر مڪاني سنڌي مسلمانن جو اُنهن ۾ ڪو خاص ايترو هٿ ڪونه هئو، جيترو پنجاب ۾ ٿيو!

**جوَهراڻي:** **گهڻو ڪري سڪ جاتيءَ کي نشانو بڻايو ويو!**

**ايل.ڪي.:** برابر! ڇاڪاڻ ته اُهي سولائيءَ سان سڃاڻپ ۾ اَچي ٿي ويا!

**جوَهراڻي:** **ڪن ويچاروانن جو رايو آهي ته سنڌين جي سنڌ مان لڏپلاڻ هڪ قسم جي 'غنيمت جو وردان' ٿي پيو! توهين اِهو مڃيو ٿا؟**

**ايل.ڪي.:** مان خود به ان راءِ جو آهيان! جيڪڏهن اَسين سنڌ ڇڏي هتي هند ۾ نه اَچون ها ته اَسين ايترو واڌارو ۽ ترقي ڪونه ڪري سگهون ها!

**جوَهراڻي:** **توهين ان لاءِ ڪهڙين ڳالهين ڏانهن ڌيان ڇڪائي سگهو ٿا؟**

**ايل.ڪي.:** جڏهن اِنسان کي پنهنجي گهر ۽ چلهه تان اُکاڙيو وڃي ٿو، تڏهن سندس اَندر ۾ لڪل شڪتي ٻاهر اُيري اَچي ٿي. اُن وقت صرف پنهنجا گڻ، خاصيتون ۽ همت سنڀالي رکڻي آهي ۽ اها لياقت اسان ۾ ۽ پنجابين ۾ گهڻي سالم آهي. مان سمجهان ٿو ته اها لياقت لڏي آيل بينگالين ۾ ڪجهه قدر گهٽ آهي!

ٻي مزي جي وري ڳالهه ته اها لياقت سنڌين ۾ اَڳ ۾ ئي آهي، جو ورهاڱي کان اَڳ به ڪيترا سنڌي، سنڌ ورڪي سرگرمين ڪري ٻين ملڪن ۾ وسيل هئا! جيئن ته هانگ ڪانگ ۽ اِسپين وغيره ۾.

اُنهن به پنهنجي جرئت ۽ حوصلو ڏيکاريو! ان ڪري منهنجو اهو پڪو وشواس آهي ته سنڌي پنهنجي محنت، هنر، اخلاق ۽ قابليت سان اَڳا به وڌيڪ ترقي ڪري سگهن ٿا ۽ ڪين ترقي ڪرڻ گهرجي!

**جوَهراڻي: اِهو محسوس ڪيو ويو آهي ته ورهاڱي ڪانپوءِ اَسان جي سڀيتا ۽ ٻوليءَ کي تمام گهڻو ڌڪ رسيو آهي.**

**ايل.ڪي.:** ها! جوَهراڻي! مان اِن ڳالهه سان سهمت آهيان ته سنڌي ٻوليءَ کي تمام گهڻو نقصان رسيو آهي! پر جي لپيءَ جو واد وواد نه پيدا ٿئي ها، ته شايد ايترو نقصان نه پوي ها!

**جوَهراڻي: توهان وٽ ان نقصان جي پرپائيءَ لاءِ ڪي صلاحون آهن؟**

**ايل.ڪي.:** مان اِهو ور ور ڪري هر ڪنهن کي چوندو آهيان ته سنڌي ٻولي ڳالهائڻ جو واهپو ڏاڍو وسيع ٿيڻ گهرجي! وڏڙن کي پنهنجن ٻارن سان سنڌيءَ ۾ ئي ڳالهائڻ گهرجي!

**جوَهراڻي: ڇا اَسان جي سنڌي ٻوليءَ جو عربي لپيءَ ۾ ڇپيل ساهتيه اَنگريزي يا ٻيءَ ڪنهن ٻوليءَ ۾ ترجمو ڪيو وڃي، ته جيئن اهو سرمايو محفوظ رهي؟**

**ايل.ڪي.:** ضروري ڪونه آهي! اَنگريزي ٻولي اَسان جي سنڌي ساهتيه کي زور وٺائڻ ۾ مددگار ڪانه ٿيندي!

**جوَهراڻي: توهان ننڍي هوندي خاص راندين ۾ چاهه يا حصيداري ورتي؟ جي ها ته اوهان جو وڌيڪ چاهه ڪهڙين راندين ۾ هئو؟**

**ايل.ڪي.:** اِسڪولي زندگيءَ ۾ منهنجو پيار ڪرڪيٽ سان هئو. مان ڪو زبردست کيڏاڙي ڪونه هوس. پر مان اي.ايف.ايس.، تليارخان جي ريڊيو تي ٽيسٽ ڪرڪيٽ ڪامينٽري ٻڌڻ جو خاص شائق هوس ۽ گهڻي شوق سان ٻڌندو هوس!

رانجي ٽرافي ۽ گهڻو مشهور هيون بامبي پينٽا گورنر مئچون؛ جيڪي پنجن ڪلاڙين، هندو، مسلم، پارسي، يوورپ ۽ ٻين جي وچ ۾ کيڏيون ويندڀون هيون. سال جي پڇاڙيءَ ۾ هميشه وانگر پينٽا گورنر جي مئچ هندو ۽ مسلمان ٽولين جي وچ ۾ ٿيندي هئي ۽

ساڳئي ئي اُمنگ ۽ اُتساهہ سان ڪيڏي ويندي هئي جيئن اَڄ ڪالهہ هندوستان ۽ پاڪستان جي وچ ۾ ٽيندڙ ڪرڪيٽ مئچ ڪئي ويندي آهي. تليارخان جو ريڊيو تان ايندڙ آواز جڻ آڪاش‌واڻي هئو ۽ ٻين ڇاهڪن وانگر مان بہ سندس اُن آواز ۽ مئچ جي اَکين ڏٺي احوال ۾ ڪوهجي ويندو هوس! پنهنجن دوستن اَڳيان سندس نقل ڪري اَڪثر اَحوال ڏيئي راند جي ڇنڊڇاڻ ڪندو هوس.

مونکي هڪڙو ڏينهن پوري طرح ياد آهي جڏهن مان اِسڪول گسائي رانجي ٽرافيءَ جي پنجن ڏينهن مان پڇاڙيءَ جي ڏينهن سنڌ ۽ مهاراشٽرا وچ ۾ ٽيندڙ مئچ ڏسڻ ويو هوس. مهاراشٽرا جي ڪيڏاڙين جو ڪپتان ڊي.بي. ديوڌر هئو، جيڪو پوءِ سؤ سالن تائين جيئرو رهيو.

اُن ساڳي مئچ ۾ مونکي ڪرڪيٽ جي وڏن وڏن ڪيلاڙين، جهڙوڪ: وجيہ مرچنٽ، وينو مانڪڊ، نائون مل ۽ سنڌ جي ڪيلاڙي ايم.جي. موبيڊ کي روبرو ڏسڻ جو موقعو مليو هو.

**جوَهراڻي:** **اِها سيني کي ڄاڻ آهي تہ توهين هندي فلمون ڏاڍي شوق سان ڏسندا آهيو! توهان ڪڏهن شخصي طور فلم جڳت جي ماڻهن سان گڏيا آهيو؟**

**ايل.ڪي.:** مان فلمن جو پارکو ليکيو ويندو هوس ۽ ١٩٦٠ع ۾ پارٽيءَ جي نڪرندڙ رسالي ’آرگنائيزر‘ ۾ تنقيد جو ڪالم سنڀاليندو هوس. جڏهن مان سرڪار ۾ ‘Minister of Information & Broadcasting’ هوس؛ تڏهن فلم جڳت جي وڏين وڏين هستين سان ويجهڙائيءَ جي ڏيٺ ويٺ رکڻ ۾ ڏاڍو مزو ايندو هو. اُنهن ۾ خاص هئا راجڪپور، ديوآنند، منوج ڪمار، مالا سنها. سنگيتڪارن ۾ جئہ ديو، گائڪن ۾ پيناز مساني. اُن وقت مان خاص ڇاهڪ هوس فلمن ناهڻ ۾ ڄاتل سڃاتل ماهر ستيہ جيت ري جو؛ جنهن سان ڪيل ملاقات اڄ بہ منهنجي ذهن ۾ قائم آهي. جنهن جون سڃائيءَ واريون ۽ دل کي ڇهندڙ بينگالي فلمون سڄي دنيا ۾ نالو ڪڍي چڪيون هيون. مون گهڻو ڪري سندس سڀ فلمون ڏٺيون ۽ دل سان پسند ڪيون آهن.

**جوَهراڻي:** **توهان پنهنجي سڄي زندگيِ اُصولن ۽ آدرشن تي گذاري آهي. توهان ڪڏهن اُنهن اُصولن جي ڪري پاڻ کي جيون جي راهه ۾ اَڪيلو محسوس ڪيو آهي ڇا؟**

**ايل.ڪي.:** ها! مون پنهنجي سڄي زندگي پنهنجن آدرشن جي دائري ۾ گذاري آهي ۽ پنهنجن اُصولن سان پوري طرح نڀايو آهي ۽ ڪڏهن پنهنجن اُصولن کان ٻاهر نڪري ڪنهن سان سمجهوتو ڪونه ڪيو اَٿم!

اُنهيءَ وقت ۾ به جڏهن مونکي ڪوڙن ۽ من گهڙت اِلزامن ۾ جڪڙيو ويو هو. مون يڪدم لوڪ سڀا مان اِستعفيٰ ڏيئي ڇڏي ۽ پريس ڪانفرنس ۾ پڌرائي ڪيم ته مان وري تيستائين لوڪ سڀا ۾ پير نه رکندس، جيستائين اِنصاف جي عدالت مونکي مڙهيل الزامن کان آزاد نه ڪندي!

**جوَهراڻي:** **توهان جي پتني، پاپي ڪملا ۽ ٻارن جو توهان جي هن ڪامياب زندگيءَ ۾ ڪيترو يوگدان پئي رهيو آهي؟**

**ايل.ڪي.:** تمام تمام گهڻو! مان هميشه پئي چوندو آيو آهيان ته منهنجي شڪتي ٻن پريوارن جي ڪري ئي پربل پئي رهي آهي. هڪڙو آدرش پريوار يعني R.S.S. ، جن سنگهه يا B.J.P. ۽ ٻيو منهنجو شخصي پريوار. ٻنهي پريوارن مونکي اَٿاهه طاقت ۽ همت پئي ڏني آهي. منهنجي پتني ڪملا جو مونکي بيحد ساٿ آهي. اَڄ ڏينهن تائين مونکي ڄاڻ ڪانه آهي ته منهنجي ڪمائي ڪيتري آهي ۽ ڪيتري اِنڪم ٽيڪس ڀرڻي اَٿم؛ ڪاڏي کان ناڻي تائين سڀ ڪجهه هوءَ ئي سنڀاليندي آهي.

**جوَهراڻي:** **آخر ۾ سڄي دنيا جي سنڌي جاتيءَ لاءِ ۽ خاص ڪري نئين ٽهيءَ لاءِ توهان ڪو سنديش ڏيندا؛ جنهن مان هنن جي آئينده جي راهه روشن ٿي سگهي؟**

**ايل.ڪي.:** منهنجو سنڌين لاءِ سنديش، پوءِ پل هو سنڌ ۾ نه ڄاوا هجن ۽ ورهاڱي کانپوءِ جنميا هجن؛ اِهو آهي ته ڪين اِها حقيقت ڪڏهن به وسارڻ نه کپي ته سنڌ، ڀارت جي ورهاڱي کان اَڳ ڀارت جو پورو

پورو حصو پئي رهي آهي. ايتري قدر جو اَڄ جو اَسين ’هندو‘ آهيون تہ اُهو لفظ بہ ’سنڌو‘ مان ئي نڪتل آهي. ورهاڱي کانپوءِ ڪن شخصن نهروءَ کي چيو تہ اَسان جي ڀارتي قومي گيت (National Anthem) مان ’سنڌ‘ لفظ هٽايو وڃي، جو سنڌ هاڻي هند ۾ ڪونہ آهي؛ تہ نهروءَ جواب ڏنو، ’’اَسين سنڌ يا سنڌوءَ کي ڪيئن ٿا هٽائي سگهون، جڏهن تہ اَسان جي اَصليت ئي اُتان نڪتي آهي.‘‘

سنڌين کي اِها ڳالهہ هميشه ياد رکڻ گهرجي تہ ڀارت سڄو ئي اَسان جو ديش آهي ۽ اَسين اُن جي ئي قوم آهيون. اَسان جو فرض ٿو بڻجي تہ جنهن بہ پرانت ۽ ديش ۾ رهون ٿا، اُن جي بهبوديءَ لاءِ پاڻ پتوڙيون. پر ساڳئي وقت مکيہ ڳالهہ اِها بہ آهي تہ اَسان کي ڪڏهن بہ وسارڻ نہ کپي تہ اَسين سنڌي آهيون، پوءِ ڀل اَسين پنهنجي سنڌي ٻولي لکي- پڙهي نہ سگهون؛ پر يقينن اُها اَسين ڳالهائي تہ سگهون ٿا!

**جوَهراڻي:** **مان وشواس سان چئي سگهان ٿو تہ توهان جا اَنڀوَ ۽ آزمودا اِتهاس جون ڪڙيون آهن ۽ توهان جو نصيحت سان ڀُر پيغام اَسان جي نئين پيڙهي دل سان هنڊائيندي! سچي دنيا جا سنڌي ڀارت سرڪار ۾ توهان کي پرڌان منتري طور ڏسڻ ٿا چاهين!**

**ايل.ڪي.:** رام! منهنجو وشواس آهي تہ اَڄ تائين جيڪو ڪجهہ مون حاصل ڪيو آهي؛ اُهو ڪنهن بہ عهدي ۽ آفيس کان گهڻو مٿي آهي! مهرباني!

**جوَهراڻي:** **مهرباني آڏواڻي صاحب! توهان اِهو بلڪل صحيح چيو آهي تہ سنڌين جيڪو بہ ڪجهہ حاصل ڪيو آهي سو پنهنجي همت، محنت ۽ اُورچائيءَ سان حاصل ڪيو آهي ۽ اَڳتي بہ ڪندا رهندا!**